# قيامت جي ڏينهن جا شاهد

**25-August-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

25 آگسٽ، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ڏنل وارو بيان

# قيامت جي ڏينهن جا شاهد

هن بيان ۾ اوهان هيءُ ڄاڻ حاصل ڪندؤ

- ✿... سڀ کان آخري جنّتي
- ✿... قيامت جو هوش اڏائيندڙ منظر
- ✿... بارگاهِ اِلٰهي ۾ پيشي جو خوف
- ✿... بي حساب جنّت ۾ داخِله ڏيارڻ وارا عمل

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سُنَّت اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

صحابي رسول حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللّٰہ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پُرنُور چهري تي خوشي جا آثار هئا، صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو جيڪو اُمَّتِي اوهان تي هڪ دُرود پڙهندو، مان ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گُناهَ مٽائيندس، 10 درجا بلند فرمائيندس ۽ ايتري ئي رحمت موڪليندس.[1]

اُن پر دُرود جن کو کس بے کساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

**وضاحت:** هو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکندڙ آهن، انهن تي دَرُود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...مُسْنَدِ اَحْمد، جلد:5، صفحه:509، حديث:16352.

[2]...حدائقِ بخشش، صفحه:209.

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سٺيون سٺيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ با اَدَب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْبِ! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## سڀ کان آخري جنّتي

صحابيءِ رسول حضرت ابو اُمَامہ باهلي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي، غيب ڄاڻڻ واري آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو شخص جيڪو سڀ کان آخر ۾ جنّت ۾ ويندو، هو پُلصراط تي پيٽ ڀر گھلجي رهيو هوندو، جيئن والِد پنهنجي پٽ کي ماريندو آهي تہ پٽ جان بچائي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ان شخص جي بہ اهڙي ئي حالت هوندي، ان جا عمل هن لائق نہ هوندا جو هُو ان کي پُل صراط پار ڪرائن.

هو گنهگار جهنّم جي پُشت تي رڪيل، اونداهي ۾ ورتل، تلوار کان تيز ۽ وار کان سنهي پُل صراط تي گھلجندي پنهنجي رَبّ ڪريم کي پُڪاريندو: يَا رَبِّ! بَلِّغْ بِي الْجَنَّةَ وَ نَجِّنِي مِنَ النَّارِ يعني اي رَبّ ڪريم! مون کي جنّت ۾ پهچاءِ، اي منهنجا رحمٰن ۽ رحيم الله پاڪ! مون کي جهنّم کان نجات عطا فرماءِ. الله پاڪ فرمائيندو: اي ٻانها! جيڪڏهن مان توکي جهنّم کان نجات ڏيان ۽ جنّت عطا ڪيان تہ ڇا تون پنهنجي گُناهن ۽ خطائن جو اقرار ڪندين؟ اُهو شخص عرض ڪندو: ها، اي رَبّ ڪريم! تنهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! جيڪڏهن

---

[1]...مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

مون کي جهنّم کان نجات ملي ته مان ضرور پنهنجي گُنَاهن جو اقرار ڪندس. پوءِ ان کي پُل صراط تان آساني سان گذاريو ويندو. هاڻي ٻانهو سوچيندو: جيڪڏهن مون پنهنجي گُنَاهن جو اقرار ڪيو ته ڪٿي ٻيهر جهنّم ۾ نه داخل ڪيو وڃان. (هي اڃا انهيءَ سوچن ۾ هوندو، هوڏانهن) الله پاڪ فرمائيندو: اي شخص! پنهنجي گُنَاهن جو اقرار ڪر! مان توکي بخشي ڇڏيندس، تو کي جنّت عطا فرمائيندس.

ٻانهو چوندو: نه مولىٰ! تنهنجي عزّت جو قسم! مون ته ڪڏهن ڪو گُنَاهه ناهي ڪيو، نه مون کان ڪا خطا ٿي آهي. الله پاڪ فرمائيندو: اي ٻانها! مون وٽ تنهنجي خِلاف شاهد آهن. ٻانهو گهٻرائجي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳندو، ڪو نظر نه ايندو ته عَرض ڪندو: اي الله پاڪ! شاهد ڪٿي آهن؟ هاڻي الله پاڪ جي حڪم سان ان جي چمڙي (*Skin*) ڳالهائيندي ۽ ان جا تمام صغيره گُنَاهه بيان ڪندي. هاڻي ان کي خبر پوندي ته چوٽڪاري جي ڪا صُورت نه آهي، پوءِ پنهنجي گُنَاهن جو اقرار ڪندي عَرض ڪندو: مولىٰ! تنهنجي عزّت جو قسم! مون ڪبيره گُنَاهه به ڪيا آهن. الله پاڪ فرمائيندو: مون کي خبر آهي، تون سيني گُنَاهن جو اقرار ڪر! مان تون کي بخشي ڇڏيندس، توکي جنّت به عطا ڪندس. پوءِ ٻانهو پنهنجي تمام گُنَاهن جو اقرار ڪندو، تڏهن ان کي جنّت ۾ داخِل ڪيو ويندو. رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي سڀ کان گهٽ رُتبي وارو جنّتي هوندو.[1]

گناہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں | کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ
برائیوں پہ پشیماں ہوں رحم فرما دے | ہے تیرے قہر پہ حاوِی تری عطا یاربّ!
گناہ بےعدد اور جُرم بھی ہیں لاتعداد | معاف کر دے نہ سہ پاؤں گا سزا یاربّ! [2]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] …معجمِ کبیر، جلد:4، صفحہ:287، حدیث:7567۔

[2] …وسائلِ بخشش، صفحہ:78 ملتقطاً۔

## گنهگار جا ڪم نہ ايندڙ دليل

وعظ ۽ نصيحت جي ڪتابن ۾ لکيل آهي: قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي سندس اعمال نامو ڏنو ويندو، هو عَرض ڪندو: موليٰ! هن ۾ جيڪو ڪجھ لکيل آهي، مون هي ناهي ڪيو، هن تي ڪراماً ڪاتبين (يعني عمل لکندڙ ملائڪن) کي آندو ويندو، ٻانهو عَرض ڪندو: موليٰ! هي ملائڪ آهن، هي تنهنجي حڪم جا پابند آهن، مان اهي ئي شاهد قبول ڪندس جيڪي مون مان هجن. الله پاڪ ان ٻانهي جي زبان کي حڪم ڏيندو: منهنجي قُدرت سان ڳالهاءِ! ۽ حق کان سِوا ٻيو ڪجھ نہ چئجان. ٻانهي جي زبان اُن جا سمورا چڱا برا عمل بيان ڪندي. ٻانهو وري عَرض ڪندو: موليٰ! هي ئي تہ زبان آهي جيڪا اَڪثر گُناھ ڪرائي ٿي، هي تہ هونئن ئي منهنجي دُشمن آهي، منهنجي خِلاف منهنجي دُشمن جي شاهدي ڪيئن معتبر ٿي سگهي ٿي؟

هاڻي الله پاڪ ٻانهي جي هٿن کي حڪم فرمائيندو: اِنْطِقَا بِمَافَعَلَ عَبْدِي يعني (اي هن شخص جا هٿ!) ٻڌايو منهنجي ٻانهي ڪهڙا ڪهڙا عَمَل ڪيا آهن؟ ان جا هٿ سڀ ڪجھ سچ سچ بيان ڪندا. ٻانهو وري عَرض ڪندو: موليٰ! هي ٻئي هٿ گڏجي هڪ شاهد آهي، ٻيو شاهد اچا باقي آهي. الله پاڪ ان جي پيرن کي فرمائيندو: توهان ڇا چئو ٿا؟ منهنجي ٻانهي جيڪو ڪجھ ڪيو، ان جي سچ سچ شاهدي ڏيو...!! هاڻي ان جا پير بہ ان جي خِلاف شاهدي ڏيندا.

هاڻي ٻانهي جا سمورا مطالبا مڃيا ويندا، ان جي گُناهن تي شاهديون قائِم ٿي چڪيون هونديون تہ هو اچرج ۾ پئجي ويندو ۽ پنهنجي عضوئن کي ڇڙٻيندي چوندو: اي منهنجا عضوؤ...!! توهان ۾ مان هڪ ئي تہ آهيون، مان جهنّم ۾ ويس تہ توهان بہ جهنّم ئي ۾ سڙندؤ، مان توهان کي بچائڻ جي لاءِ ئي تہ پنهنجي رَبّ جي بارگاھ ۾ هر هر حيلو ڳولهي رهيو هيس ۽ توهان منهنجي (يعني پاڻ پنهنجي) ئي خِلاف شاهدي ڏئي رهيا آهيو؟ ان جا عضوا (مثلاً هٿ، پير وغيره) چوندا: اسان الله پاڪ جي حڪم سان ڳالهائي رهيا آهيون، اهو ئي

جيڪو سيني کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا فرمائي ٿو.

هاڻي اُهو شخص گهڻو شرمسار ٿيندو، هاڻي ان وٽ نجات جي ڪا راهه باقي نہ بچندي، پوءِ ملائڪن کي حڪم ٿيندو: اي ملائڪو! هن کي گهلي جهنّم ۾ وجهي ڇڏيو...!! هاڻي هي شخص عَرض ڪندو: اي رَبّ ڪريم! تون اَرْحَمُ الرَّاحِمِين (يعني سڀ کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارو) آهين، مون گنهگار تي تنهنجي رَحمت ڪڏهن وسندي؟ اللہ پاڪ فرمائيندو: منهنجي رحمت مجڻ وارن جي لاءِ آهي، تون پنهنجي گُنَاهن جو اعتراف ڪر! توکي رحمت نصيب ٿي ويندي. اهو شخص هڪدم عَرض ڪندو: مان پنهنجي تمام گُنَاهن جو اعتراف ڪيان ٿو، هي تہ بَس دوزخ جو خوف هو، جنهن جي ڪري مان حُجَّت بازي (يعني اُبتا سبتا دليل) ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس. هاڻي حڪم ٿيندو: اي ملائڪو! منهنجي ٻانهي کي منهنجي رحمت سان منهنجي جنّت ۾ وٺي وڃو! بيشڪ مون هن کي بخشي ڇڏيو.[1]

نہ کرنا حشر میں پُرسش، مری ہو بے سبب بخشش
عطا کر باغِ فردوس از پئے شاہِ اُمم مولیٰ!
خِرَد کرتی نہیں اب کام، اِلٰہی! میں ہُوا ناکام
تجھی سے التجا ہے مجھ پہ کر رحم و کرم مولیٰ!
تُو بس رہنا سدا راضی، نہیں ہے تابِ ناراضی
تُو ناخوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مولیٰ![2]

اي عاشقانِ رسول! هنن ٻنهي گُنهگارن کي رَبّ ڪريم بخشي ڇڏيندو، گُنَاهن جي باوُجُود جنّت ۾ داخِلو عطا فرمائيندو، يقيناً هي ان جي رحمت آهي پر غور ڪريو! معاملو ڪيترو دُشوار آهي، افسوس! قيامت جي ڏينهن بهانا نہ هلندا، اڄ تہ زبان هلائي ٻين کي ماٺ ڪرائي ڇڏيندا آهيون، اُبتا سُبتا بهانا ناهي دل کي مطمئن ڪندا آهيون، پاڻ کي فضول تسلي ڏيندا آهيون پر افسوس! قيامت جي ڏينهن جڏهن رَبّ قَهار جَلَّ جَلَالُهٗ جي بارگاهه ۾ حاضِري ٿيندي، گُنَاهن سان ڀريل، سياهه اَعمَال نامو هٿ ۾ ڏنو ويندو، ان وقت انڪار جي ڪا صُورت نہ رهندي،

[1]...دُرَّةُ النَّاصحين،جلد:2،صفحہ:381تا385 ملتقطاً۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:97و98ملتقطاً۔

اسان جا پنهنجا ئي عضوا، اسان جا هٿ، اسان جا پير، اسان جي زبان، اسان جي گل اسان جي ئي خِلاف شاهدي ڏئي رهي هوندي، هن صُورت ۾ نجات ماڻڻ انتهائي دُشوار هوندو. يقيناً لائق رَشڪ اهو ئي آهي جنهن کي اللّٰه پاڪ پنهنجي رَحمت سان جنّت ۾ داخِل نصيب فرمائي ڇڏي.

| | |
|---|---|
| امتحاں کے کہاں قابِل ہوں میں پیارے اللّٰہ! | بے سبب بخش دے مولیٰ! ترا کیا جاتا ہے؟[1] |

## نجات ماڻڻ وارو قابِلِ رشڪ آهي

امام حَسَن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تعجب هن ڳالهه تي نه آهي ته هلاڪ ٿيڻ وارو هلاڪ ڪيئن ٿيو؟ تعجب ته هن ڳالهه تي آهي جو نجات ماڻڻ وارو نجات ڪيئن ماڻي ويو؟[2] يعني قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب جو معاملو ايترو سخت ۽ دُشوار آهي جو ان ۾ ناڪام ٿي جهنّم جو حق دار بڻجڻ تمام سولي ڳالهه آهي پر نجات ماڻي جنّت جو حقدار بڻجڻ انتهائي دُشوار آهي، لهٰذا حيرت هن ڳالهه تي ناهي جو جهنّم ۾ وڃڻ وارو جهنّم ۾ ڪيئن ويو، حيرت ته هن ڳالهه تي آهي جو حساب ڪتاب مان نجات ماڻڻ واري کي نجات ڪيئن مِلي وئي؟

| | |
|---|---|
| مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے | ہو مجھ ناتواں پر کرم یااِلٰہی! |
| گناہوں سے بھرپُور نامہ ہے میرا | مجھے بخش دے کر کرم یااِلٰہی! |
| میں تھا لائقِ نارِ دوزخ خُدایا | دِی جنّت ہے کتنا کرم یااِلٰہی![3] |

## قيامت جو هوش اُڏائيندڙ منظر

اي عاشقانِ رسول! اسان دُنيا ۾ ته اچي وياسين پر هاڻي نجات ڪيئن ملندي؟ ٿورو تَصَوُّر ڪريو! اهو ڏينهن ڪيترو هولناڪ ڏينهن هوندو، جڏهن حضرت

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:432۔

2...آداب حسن بصری لابن جوزی، صفحہ:24۔

3...وسائلِ بخشش، صفحہ:110ملتقطاً۔

اسرافيل عَلَيْهِ السَّلَام صُور ڦوڪيندو، صُور جو هولناڪ آواز ٻُڌي سيئي مُردا قبرن مان اُٿي بيهي رهندا، سيني کي هڪلي ميدانِ محشر ۾ گڏ ڪيو ويندو، هي زمين ٿارمي جي زمين سان بدلي ويندي، آسمان وڪوڙيو ويندو، سج سوا ميل تي رهي باهه وسائي رهيو هوندو، جهنّم کي آندو ويندو، ان جي پشت تي وار کان سنهي، تلوار کان تيز، اونداهي ۾ ٻُڏل پُل صِراط رکيو ويندو، قهر کي منهن ڏيٺو پوندو، ماڻهو پگهر ۾ شل هوندا، ڪي پنهنجي ئي پگهر ۾ غوطا کائي رهيا هوندا، ربّ قهار جَلَّ جَلَالُهٗ ان ڏينهن ايترو غضب فرمائيندو جو اهڙو غضب ان کان اڳ نه ڪيو هوندو... وڏو عرصو انهيءَ حال ۾ گذري ويندو، پوءِ ڪڏهن وڃي حساب شروع ٿيندو.

هاڻي ٿورو تَصَوُّر ڪريو! هن صُورتِ حال ۾ اسان کي پُڪاريو ويندو: اي فُلاڻا پٽ فُلاڻي جا! رَبّ

جي بارگاهه ۾ حاضِر ٿي...!! افسوس! هن غضبناڪ پُڪار تي اسان لنوائيندا، ڊڄنداسين، منهن لڪائينداسين، پر افسوس! ان ڏينهن ڪير آهي جيڪو لڪي سگهندو...؟ ملائڪ ڇڪي رَبّ جبّار و قهار جَلَّ جَلَالُهٗ جي بارگاهه ۾ پيش ڪندا، افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اهڙي هولناڪ منظر ۾ اسان پنهنجي هڪ هڪ عَمَل جو حساب ڪيئن ڏئي سگهنداسين؟ اسان جو اَعمَالنامو اسان جي هٿن ۾ ڏنو ويندو، اسان جي هر ننڍي کان ننڍي، وڏي کان وڏو عَمَل اَعمَال نامي ۾ لکيل هوندو، مُجرِم پُڪاريندا:

يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِيَهْ ﴿۲۵﴾ وَ لَمْ اَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ ﴿۲۶﴾ يٰلَيْتَهَا كَانَتِ الْقَاضِيَةَ ﴿۲۷﴾ مَاۤ اَغْنٰى عَنِّيْ مَالِيَهْ ﴿۲۸﴾ هَلَكَ عَنِّيْ سُلْطٰنِيَهْ ﴿۲۹﴾

(پاره:29،سورهٔ حاقّة:25 تا 29)

ترجَموڪنزُالعرفان: اي ڪاش جو مونکي منهنجو اعمالنامو نه ڏنو وڃي ها. ۽ مان نه ڄاڻان ها ته منهنجو حساب ڪهڙو آهي. اي ڪاش جو دنيا جو موت ئي (منهنجو ڪم) تمام ڪرڻ وارو ٿي وڃي ها. منهنجو مال منهنجي

ڪنهن ڪم نہ آيو. منهنجو سڄو زور ويندو رهيو.

## قيامت جي ڏينهن ڪهڙو جواب ڏينداسين؟

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ان ڏينهن اسان ڪيئن حِسَاب ڏئي سگهنداسين...؟ پر افسوس! اسان ڏجون نٿا، سُستي ڪريون ٿا، غفلت ۾ ورتل آهيون، مال ۽ دولت جي حِرص، دُنياوي عهدن جي طلب ۽ نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي آخرت کي وساريون ٿا ۽ گُنَاهن ۾ بلڪ بُرائين ۾ ڦاٿل رهون ٿا، توبہ ڪان پري ڀڄون ٿا، ماڻهن ڪان ڀلي ئي شرمايون پر رَبّ رحمٰن ڪان حياء نٿا ڪيون، رات جي اونداهي ۾، بند ڪمري ۾ لڪي گُنَاهن جو بازار گرم ڪريون ٿا، پر ياد رکو! قيامت جي ڏينهن اسان جو ڪو عَمَل لڪي نٿو سگهي، هر ننڍي ڪان ننڍو، وڏي ڪان وڏو عَمَل اسان جي سامهون رکيو ويندو.اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗؕ وَ مَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ۠<br>(پاره:30،سورة زلزال:7-8) | ترجَموڪنزُ العرفان: پوءِ جيڪو هڪ ذري برابر ڀلائي ڪري اهو اُن کي ڏسندو. ۽ جيڪو هڪ ذري برابر بُرائي ڪري اهو ان کي ڏسندو. |

خُدائے قہّار ہے غضب پر، کُھلے ہیں بدکاریوں کے دفتر
بچالو آکر شفیعِ محشر تمہارا بندہ عذاب میں ہے (1)

## ڪا بُرائي لڪي نٿي سگهي

حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي اللہ پاڪ جا نيڪ ٻانها آهن، اللہ پاڪ کين حڪمت ۽ دانائي عطا فرمائي هئي، پاڻ پنهنجي پٽ کي نصيحت

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:181۔

فرمائي، جنهن جو ذِڪر قرآنِ ڪريم ۾ بہ آهي، پاڻ فرمايائون:

يٰبُنَيَّ اِنَّهَاۤ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْ فِي السَّمٰوٰتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿۱۶﴾

(پاره:21،سورۂ لقمان:16)

ترجَموڪنزُ العرفان: اي منهنجا پٽ! بُرائي جيڪڏهن رائي جي ڏاڻي جي برابر هجي پوءِ اها پٿر جي چٽان ۾ هجي يا آسمانن ۾ يا زمين ۾، الله ان کي آڻيندو بيشڪ الله هر سنهي کان سنهي شيءِ کي ڄاڻڻ وارو خبردار آهي.

معلوم ٿيو: بُرائي چاهي ڪيتري ئي ننڍي هجي ۽ ڪيتري ئي لڪائي ڪجي، قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ان بُرائي کي سامهون آڻيندو، بيشڪ الله پاڪ هر ننڍي کان ننڍي، باريڪ کان باريڪ ڳالھ کي ڄاڻيندڙ، خبروار آهي.

چھپ کے لوگوں سے کیے جس کے گناہ | وہ خبردار ہے کیا ہونا ہے
ارے او مجرم بے پَروا دیکھ | سر پہ تلوار ہے کیا ہونا ہے(1)

## قيامت جي ڏينهن ڪهڙو جواب ڏينداسين...؟

بعض آسماني ڪتابن ۾ آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: اي منهنجا ٻانها! تون ڪيستائين منهنجي نافرماني ڪندو رهندين؟ ڇا مون توکي پنهنجي دستِ قُدرت سان پيدا ناهي فرمايو؟ ڇا مون تون ۾ رُوح ناهي وڌو؟ ڇا تون نٿو ڄاڻين تہ مان اطاعت ڪرڻ وارن سان ڪهڙو معاملو ڪيان ٿو؟ ڇا توکي خبر ناهي تہ مان نافرماني ڪرڻ وارن جي ڪهڙي گرفت ڪيان ٿو؟ ڇا توکي حياءُ نٿو اچي؟ تون مصيبت جي وقت مون کي ياد ڪرين ٿو پر خوشحالي ۾ وساري ڇڏين ٿو، نفساني خواهشن تنهنجي دِل اندي ڪري ڇڏي آهي، تون ڪيستائين سُستي ڪندين؟ تون وٽ ان مهل ڪهڙو جواب هوندو جڏهن تنهنجا عضوو

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:167۔

تنهنجي خِلاف شاهدي ڏيندا؟

| | |
|---|---|
| یاالٰہی! نامۂ اعمال جب کھلنے لگیں | عیب پوشِ خلق سَتّارِ خطا کا ساتھ ہو |
| یاالٰہی! جب بہیں آنکھیں حسابِ جُرم میں | اُن تبسّم ریز ہونٹوں کی دُعا کا ساتھ ہو |
| یاالٰہی! جب حسابِ خندۂ بیجا رُلائے | چشمِ گریانِ شفیعِ مرتجٰے کا ساتھ ہو(1) |

## قيامت جي ڏينهن شاهدي ڏيڻ وارا

اي عاشقانِ رسول! هميشہ ياد رکو! الله پاڪ اسان کي پيدا ڪري بالڪل بي لگام ناهي ڇڏي ڏنو، هن دُنيا ۾ اسان جي سخت نگراني ڪئي پئي وڃي، پهريان تہ اهو چا ڳهڻ آهي تہ الله پاڪ ڏسي رهيو آهي، جيڪي شرم ۽ حياء وارا آهن،انهن جي لاءِ تہ الله پاڪ جو ڏسڻ ئي گُناهہ ڇڏڻ جي لاءِ ڪافِي آهي، پوءِ هن سان گڏوگڏ ٻيا بہ شاهد آهن، جيڪي اسان جي عملن جي سخت نگراني ڪري رهيا آهن، عالم سڳورا فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن ماڻهن تي 6 شاهد هوندا:

### (1):پهريون شاهد: زمين

هي زمين جنهن تي اسان زندگي گذاري رهيا آهيون، اسان زمين کان ڪنهن قسم جي جهجڪ يا شرم محسوس نٿا ڪريون، هن تي هر جائِز و ناجائِز ڪم ڪري ونون ٿا، اڄ هي زمين اسان جي ڪنهن حرڪت تي پنهنجي رَدّ عَمَل جو اِظهار ناهي ڪندي پر ڪلهہ قيامت جي ڏينهن هي زمين بہ اسان جي باري ۾ شاهدي ڏيندي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يَوْمَىِٕذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ۟ (پاره:30،سورۀ زِلزَال: 4) | ترجَموڪنزُالعرفان:اُن ڏينهن اها پنهنجون خبرون ٻڌائيندي. |

امام فخرُ الدّين رازي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت سڳوري جي تفسير ۾ لکن ٿا: بيشڪ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ هن زمين کي زِنده، عقل مند ۽ ڳالهائڻ واري ڪري

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:133۔

ڇڏيندو، هي زمين سجاڳيندي تہ هن تي رهڻ وارا ڪهڙا ڪهڙا عَمَل ڪندا رهيا، پوءِ هي نيڪ ماڻهن جي حق ۾ ۽ گنهگارن جي خِلاف شاهدي ڏيندي.[1]

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي آيت تلاوت فرمائي:

| | |
|---|---|
| يَوْمَىِٕذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا (۴)<br>(پاره:30،سورۂ زِلزَال: 4) | ترجَموڪنزُالعرفان:اُن ڏينهن اها پنهنجون خبرون ٻڌائيندي. |

پوءِ فرمايائون: توهان کي خبر آهي تہ هن (زمين) جون خبرون ڪهڙيون آهن؟ صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عَرض ڪيو: الله پاڪ ۽ ان جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وڌيڪ ڄاڻن ٿا. پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: زمين جون خبرون هي آهن تہ زمين هر مرد و عورت تي سندن عملن جي شاهدي ڏيندي، جيڪي انهن ڪين پنيءَ تي ڪيا هوندا، هو چوندي: هن فلاڻي ڏينهن هي عمل ڪيو ۽ ان فلاڻي ڏينهن هي عمل ڪيو، اهي ان جون خبرون آهن.[2]

اي عاشقانِ رسول! هي زمين جيئن تہ قيامت جي ڏينهن شاهدي ڏيندي، لهٰذا هن ڪان محتاط رهڻ کپي، اسان کي گهرجي تہ اسان زمين کي پنهنجي نيڪين جو شاهد بڻايون، زمين تي نمازون پڙهون، ذِڪرُ الله ڪري هن زمين کي، هنن وڻن کي، پٿرن کي، زمين جي ذرّن کي پنهنجي نيڪ عملن جو شاهد بڻايون.

## رستي کي ذِڪرُالله جو شاهد بڻائڻ

هڪ بزرگ گذريا آهن: حضرت اَبُو المَلِيح رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه. سندن مبارڪ عادت هئي تہ ڪٿي ويندا هئا تہ راهہ ۾ ذِڪرُ الله ڪندا ويندا هئا، جيڪڏهن ڪڏهن ذِڪر ڪرڻ وسري ويندو هو تہ واپس موٽي بيهر انهيءَ راهہ تان ذِڪرُ الله ڪندي گذرندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: مان چاهيان ٿو تہ مان زمين جي جنهن حِصي تان

---

[1]...تفسيرِ ڪبير،پاره30،سورۂ زلزال،تحت الآية:4،جلد:11،صفحه:255۔
[2]...ترمذی ابواب صفة القيامة، صفحه:577، حديث:2429۔

گذارن اهو قيامت جي ڏينهن منهنجي ذِڪرُ الله جي شاهدي ڏئي. [(1)]

سُبحٰنَ الله! اسان جي بزرگن جا انداز ڪيترا پيارا هئا! اهي نيڪين جا ڪيترا حريص هئا...! افسوس! هڪ اسان آهيون جو غفلت جو شِڪار رهون ٿا، افسوس! اهڙا نادان بہ آهن جيڪي سفر دوران گُناهن ۾ مَصرُوف رهن ٿا، ڪار ۾، ويگن، بس، ٽرين ۽ جهاز وغيره ۾ فلمون، ڊراما ڏسن ٿا ۽ گانا ڳائيندي ٽائِم پاس ڪن ٿا، گهٽين مان لنگهندي موبائل تي گانا ٻڌندي يا جهونگاريندي هلن ٿا. اهڙن ڪي غور ڪرڻ کپي تہ زمين ڪي ڪهڙي ڳالهہ تي پنهنجو شاهد بڻائي رهيا آهن. پياري نبي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: تَحَفَّظُوْا مِنَ الْاَرْضِ يعني زمين کان بچي رهو...! فَاِنَّهَا اُمُّكُم بيشڪ هي توهان جي اَصل آهي وَاِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَحدٍعَامِلٍ عَلَيْهَاخَيْراً وَّ شَرّاًاِلَّا هِيَ مُخْبِرَةٌ جيڪو بہ شخص هن زمين تي ذرّي برابر نيڪي ڪندو يا بُرائي ڪندو،( قيامت جي ڏينهن) هي زمين ان جي باري ۾ شاهدي ڏيندي. [(2)]

گناہوں کی نحوست بڑھ رہی ہے دم بدم مولیٰ
میں توبہ پر نہیں رہ پا رہا ثابت قدم مولیٰ
نہ کرنا حشر میں پُرسش مری ہو بے سبب بخشش
عطا کر باغِ فردوس از پئے شاہِ اُمم مولیٰ [(3)]

## (2-3): قيامت جي ڏينهن جا ٻہ شاهد: ڏينهن ۽ رات

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڏينهن ۽ رات بہ قيامت جي ڏينهن اسان تي شاهد ٿيندا، اسان ڏينهن جي روشني ۾ جيڪي ڪم ڪيا هوندا يا رات جي اونداهي ۾ ڪيا هوندا هي سڀ ٻڌائيندا، حديثِ پاڪ ۾ آهي، رسولن جي سالار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هر ڏينهن جڏهن ايندو آهي تہ هي اعلان ڪندو آهي: اي اِبنِ آدم! مان تون وٽ نئين مخلوق آهيان، اڄ تون مون ۾ جيڪو عمل ڪندين مان ڪلهہ قيامت جي ڏينهن ان جي شاهدي ڏيندس، تون مون ۾

---

[1]...تَنْبِيْهُ الْمُغْتَرِّيْن، صفحہ:88۔

[2]...معجمِ ڪبير،جلد:3،صفحہ:200،حديث:4462۔

[3]...وسائل بخشش، صفحہ:97 ملتقطاً۔

نيڪي ڪر تہ جيئن مان تنهنجي نيڪي جي شاهدي ڏيان، منهنجي وڃڻ کان بعد تون ڪڏهن مون کي نہ ڏسي سگھندين. رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وڌيڪ فرمايو: رات جڏهن ايندي آهي، اها بہ ايئن اعلان ڪندي آهي.[1]

| | |
|---|---|
| دن رات مسلسل ہے گناہوں کا تَسَلسُل | کچھ تم ہی کرو نا یہ نُحُوست نہیں جاتی |
| گو پیشِ نظر قبر کا پُرھول گڑھا ہے | افسوس! مگر پھر بھی یہ غفلت نہیں جاتی[2] |

## (4): ڪراماً ڪاتبين

قيامت جي ڏينهن اسان تي چوٿون شاهد اسان جا عمل لکڻ وارا ملائڪ ڪراماً ڪاتبين هوندا. الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ اِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ﴿۱۰﴾ كِرَامًا كَاتِبِيْنَ ﴿۱۱﴾ يَعْلَمُوْنَ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۱۲﴾

(پاره:30،سورۀ انفطار:10تا12)

ترجموڪنزُالعرفان: بيشڪ توهان تي ڪجھ ضرور نگهبان مقرر آهن. معزز لکڻ وارا. اهي ڄاڻن ٿا جيڪو ڪجھ توهان ڪيو ٿا

غيب ڄاڻڻ واري آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: انسان زندگي جي مقصد کان غافِل آهي، جڏهن الله پاڪ ڪنهن انسان جي پيدائش جو ارادو فرمائي ٿو تہ ملائڪ کي حڪم ڏي ٿو: هن جو رِزق ۽ هن جي موت جو وقت لکو! ملائڪ لکندو آهي ۽ موٽي ويندو آهي، پوءِ هڪ ٻيو ملائڪ مقرر ڪيو ويندو آهي جيڪو ان جي پيدائش تائين حفاظت ڪندو آهي، پوءِ جڏهن انسان پيدا ٿئي ٿو تہ 2 ملائڪ ان سان گڏ مقرر ڪيا ويندا آهن جيڪي موت تائين ان جون نيڪيون ۽ گُناھ لکندا رهن ٿا، پوءِ جڏهن انسان جي موت جو وقت ايندو آهي تڏهن هي ملائڪ آسمانن ڏانهن هليا ويندا آهن، پوءِ جڏهن قيامت قائِم

---

[1]...حلية الاوليا، جلد:2، صفحه:344، رقم:2501۔

[2]...وسائل بخشش، صفحه:382ملتقطاً۔

ٿيندي تہ هي ملائڪ ٻانهي وٽ پهچندا، ان جو اَعمَالنامو ان جي ڳلي ۾ وجهندا، هڪ ملائڪ ان کي هڪليندي ميدانِ محشر ڏانهن وٺي ويندو ۽ ٻيو ملائڪ ان تي شاهدي ڏيندو.[1]

چھپ کے لوگوں سے گناہوں کا رہا ہے سلسلہ | تیرے آگے یاخدا ہر جُرم کا اظہار ہے[2]

## (5): اَعمَال نامو

قيامت جي ڏينهن پنجون شاهد اسان جا اَعمَالناما هوندا، جن کي ڪراماً ڪاتبين مسلسل لکي رهيا آهن، انهن اَعمَالنامن ۾ اسان جو هر ننڍو وڏو عَمَل لکيل هوندو، صحابيء رسول حضرت انس بن مالِڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي، سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: تمام اَعمَالناما عرش جي هيٺ آهن، جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ اللّٰه پاڪ هڪ هوَا موڪليندو جيڪا اَعمَال نامن کي اُڏائي ڪنهن جي ساڄي ۽ ڪنهن جي کاٻي هٿ ۾ پهچائيندي، اَعمَال نامي تي پهرين تحرير هي هوندي:[3]

| | |
|---|---|
| اِقْرَاْ كِتٰبَكَؕ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيْبًاؕ﴿۱۴﴾ (پاره:15،سورة بني اسرائيل:14) | ترجَموڪنزُالعرفان: (فرمايو ويندو تہ) پڙهہ پنهنجو اعمالنامو اڄ پنهنجي حساب ڪرڻ جي واسطي تون پاڻ ئي ڪافي آهين. |

امام حسن بصري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پنهنجو اعمال نامو هر هڪ پڙهندو، چاهي هو دُنيا ۾ پڙهڻ ڄاڻندو هجي يا نہ ڄاڻندو هجي.[4]

پيارا اسلامي ڀائرو! قيامت جي ڏينهن هي مرحلو پڻ نهايت ڏکيو گذريو

---

[1]...حلية الاولياء، جلد:3، صفحہ:221، رقم:3775۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:478۔

[3]...الضعفاء للعقيلي، جلد:4، صفحہ:1566، حديث:2105۔

[4]...تفسيرِ كبير، پاره:15، سورة بنی اسرائيل، تحت الآية:14، جلد:7، صفحہ:309۔

هوندو، علّامہ اِبنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: قيامت جي ڏينهن جڏهن ٻانهي کي اَعمَالنامو ڏنو ويندو، هو ڏسندو تہ ان ۾ سڀ کان ننڍو گُنَاھ بہ لکيل آهي تہ ٻانهو پنهنجو مٿو جُهڪائيندو ۽ شرم سان پاڻي پاڻي ٿي ويندو، الله پاڪ فرمائيندو: اي ٻانها! مٿو مٿي کڻ...!! ڇا تون هن گُنَاھ کي ڄاڻين ٿو؟ ٻانهو عرض ڪندو: موليٰ! تنهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! مان هن کي ڄاڻان ٿو. الله پاڪ فرمائيندو: ٻانها! تو کي ياد آهي، فُلاڻي ڏينهن، فُلاڻي وقت، فُلاڻي هنڌ تو هي گُنَاھ ڪيو هو؟ ٻانهو اقرار ڪندو، الله پاڪ فرمائيندو: تون ماڻهن کان لڪي گُنَاھ ڪيو هو پر تو کي خبر هئي تہ مان ڏسي رهيو آهيان، ڇا تو کي مون کان حياءُ نہ آيو؟ ڇا تو کي خبر نہ هئي تہ تو کي موٽي مون ڏانهن اچڻو آهي؟ ان وقت ٻانهي وٽ ڪو جواب نہ هوندو، ان وقت ٻانهو شرمسار ٿي رهيو هوندو، ان کي پاڻ سان نفرت ٿيندي ۽ گهٻرائي عَرض ڪندو: موليٰ! تون مون کي جهنّم ۾ داخل ڪر، هن ڏڙڪي ۽ شرم جي نسبت جهنّم ۾ وڃڻ مون لاءِ سولو آهي.[1]

| | |
|---|---|
| چھپ کے لوگوں سے کیے جس کے گناہ | وہ خبردار ہے کیا ہونا ہے |
| ارے او مجرم بے پَروا دیکھ | سر پہ تلوار ہے کیا ہونا ہے (2) |

## (6): ڇهون شاهد: اسان جا اَعضَا

قيامت جي ڏينهن جي شاهدن ۾ ڇهون شاهد اسان جا اَعضَا هوندا، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يَّوۡمَ تَشۡهَدُ عَلَيۡهِمۡ اَلۡسِنَتُهُمۡ وَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَ اَرۡجُلُهُمۡ بِمَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۲۴﴾ (پاره:18،سورۂ نور:24) | ترجَموڪنزُالعرفان: جنهن ڏينهن انهن جي خلاف سندن زبانون ۽ سندن هٿ ۽ سندن پير انهن جي عملن جي شاهدي ڏيندا |

[1]...بستان الواعظين، صفحہ:89خلاصۃً۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:167۔

حضرت عَلَّامہ محمود آلوسي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه هن آيت سڳوري جي وضاحت ۾ لکن ٿا: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ اسان جي عضوون کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا فرمائيندو، پوءِ هر عُضو پانهي جي باري ۾ شاهدي ڏيندو ته هو انهن عضوئن سان ڪهڙو ڪم ڪندو هو.[1]

افسوس! صَد ڪروڙ افسوس! ٿورو تَصَوُّر ته ڪريو! هي ڪيترو هوش اُڏائيندڙ منظر هوندو جو قيامت جي ڏينهن اسان جا عضوا اسان جي ئي خِلاف شاهدي ڏئي رهيا هوندا، پير ٻڌائيندا: موليٰ! هي فُلاڻي ڏينهن، فُلاڻي وقت فُلاڻي گُناهہ جي هنڌ تي ويو هو، هٿ چوندا: موليٰ! هن اسان کي حرام ڪمائڻ، حرام کائڻ ۽ حرام معاملات ۾ استعمال ڪيو هو، اکيون چونديون: موليٰ! هي اسان جي ذريعي بدنگاهي ڪندو هو، فلمون ڊراما ڏسندو هو، ڪن شاهدي ڏيندا: موليٰ! هي اسان جي ذريعي ڳائڻ وڄائڻ ٻڌندو هو، بريون ڳالهيون ٻڌي مزو وٺندو هو، زبان چوندين: موليٰ! هي منهنجي ذريعي غيبت ڪندو هو، ڪوڙ ڳالهائيندو هو، چغلي ڪندو هو، لعن طَعن ننول ڪندو هو، افسوس! ان وقت جڏهن اسان جي جسم جا عضوا ئي اسان جي خِلاف شاهد هوندا، ان وقت اسان پاڻ کي ڪيئن بچائي سگهنداسين؟ پنهنجي صفائي ۾ اسان وٽ ڪهڙو عُذر هوندو؟

افسوس! **اي عاشقانِ رسول!** هي زمين، هي ڏينهن ۽ رات، اسان جا عمل لکندڙ ملائڪ، ايستائين جو اسان جا اَعضَا، اسان جون اکيون، زبان، ڪن، هٿ، پير سيئي اسان تي شاهد ٿيندا، ته ٻڌايو! نجات جي ڪهڙي راهہ هوندي؟ ڇا ڪو عذر اسان وٽ باقي رهندو؟ نہ رهندو پر افسوس! اسان ڪٿا سمجهون، اسان ڪٿا ڊڄون، اسان آخرت کي وساريون ٿا، دُنيا جي عارضي زِندگي، هتي جي وقتي عيش و عشرت تي خوش ٿيون ٿا، افسوس! نجات سخت دُشوار آهي، اسان پوءِ

[1] ...تفسيرروح المعانی، پاره:18، سورۂ نور، تحت الآية:24، جزء:18، جلد:9، صفحہ:442۔

بہ گُنَاهن کان نٽا مڙون.

| | |
|---|---|
| گناہوں کی عادت بڑھی جا رہی ہے | کرم یاالٰہی! کرم یاالٰہی! |
| گناہوں سے بھر پور نامہ ہے میرا | مجھے بخش دے کر کرم یاالٰہی! |
| تُلیں میرے اعمال میزاں پہ جس دم | پڑے اِک بھی نیکی نہ کم یاالٰہی![1] |

## وڏو جاهل ڪير...؟

هڪ ڀيري خليفہ عبد الملڪ بن مروان حضرت منصور بن عمّار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي چيو: اي منصور! هڪ سُوال آهي، مان اوهان کي هڪ سال جي مهلت ڏيان ٿو، هن جو جواب تلاش ڪريو! اهو سوال هي آهي تہ سڀ کان وڏو عقل مند ڪير آهي؟ ۽ سڀ کان وڏو جاهل ڪير آهي؟ منصور بن عمّار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سُوال ٻڌي جواب جي ڳولها جي لاءِ محل کان نڪتا، اجا کلي فِضا ۾ آيا ئي هئا تہ هڪدم واپس موٽي ويا، خليفي عبد الملڪ بن مروان جڏهن پاڻ کي ڏٺو تہ چيائين: اي منصور رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه! ڇا جواب مِلي ويو؟ فرمايائون: ها! سڀ کان وڏو عقل مند اهو آهي جيڪو نيڪيون ڪري بہ خوف زده رهندو آهي ۽ سڀ کان وڏو جاهل اهو آهي جيڪو گناهہ بہ ڪري ٿو، پوءِ بہ الله پاڪ جي قهر کان ڊڄي نٿو.

هي ٻُڌي ڪري عبد الملڪ بن مروان روئڻ لڳو، پوءِ چيائين: اي منصور رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه! خُدا جو قسم! اوهان نيڪ چيو. مون کي دِل جي شِفَا يعني قرآنِ ڪريم جي ڪا آيت ٻڌايو! مَنصُور بن عمّار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سيپاري: 3، سورت آلِ عمران جي هي آيتِ ڪريمہ پڙهي:

| | |
|---|---|
| يَوۡمَ تَجِدُ كُلُّ نَفۡسٍ مَّا عَمِلَتۡ مِنۡ خَيۡرٍ مُّحۡضَرًا ۚۖ وَّمَا عَمِلَتۡ مِنۡ سُوۡٓءٍ ۚ<br>(پاره:3،سورۂ آلِ عمران:30) | ترجَموڪنزُالعرفان: (ياد ڪريو) جنهن ڏينهن هر شخص پنهنجا تمام سنا ۽ خراب عمل پنهنجي سامهون موجود ڏسندو |

---

[1] ...وسائل بخشش، صفحہ:110-111 ملتقطاً۔

هي ٻڌي خليفه عبد الملڪ بن مروان بيهوش ٿي ويو، جڏهن هوش ۾ آيو ته چيائين: اي مَنصُور رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ ! الله پاڪ جي فرمان:

| | |
|---|---|
| وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ (پاره:3،سورۂ آلِ عمران:28) | ترجَموڪنزُالعرفان: ۽ الله توهان کي پنهنجي غضب کان ڊيڄاري ٿو. |

جي ڇا معنيٰ آهي؟ حضرت مَنصُور رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمايو: مطلب هي آهي ته الله پاڪ توهان کي پنهنجي پڪڙ ۽ گرفت کان ڊيڄاري ٿو.

هي ٻڌي خليفه عبد الملڪ بن مروان روئڻ لڳو، ايستائين جو بيهوش ٿي ويو، پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو ته چيائين: الله پاڪ جو قسم! جيڪو هن آيت ۾ غور و فِڪر ڪري پوءِ به پنهنجي رَبّ جي نافرماني ڪري ٿو، اهو سڌي واٽ کان گهڻو پٽڪيل آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! واقعي معاملو اهڙو ئي آهي، اسان مسلمان آهيون، اسان جو عقيدو آهي ته قيامت قائِم ٿيندي، اسان ڄاڻون ٿا ۽ مڃون ٿا ته قيامت جي ڏينهن هڪ هڪ عَمَل جو حساب ڏيڻو پوندو، اسان هي به ڄاڻون ٿا ته قيامت جي ڏينهن اسان وٽ ڪو عذر نه هوندو، ان جي باوُجُود اسان گُنَاهَ ڪريون، نافرمانيون ڪندا رهون، توبه جي طرف نه وڌون، ته ٻڌايو! اسان کان وڌ نادان ڪير هوندو؟ ڪاش! اسان قيامت جي ڏينهن جي حساب جي سنگيني کي سمجهي سگهون، ڪاش! اسان کي بارگاهِ اِلٰهي ۾ پيشي جو خوف نصيب ٿي وڃي.

## بارگاهِ اِلٰهي ۾ پيشي جو خوف

حضرت شيخ سَعدي شِيرازي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مسجد الحرام ۾ ڪجهه ماڻهو ڪعبة الله شريف جي قريب عبادت ۾ مصروف هئا. اوچتو هڪ شخص کي ڏٺو ته ديوارِ ڪعبه کي پاڪر پائي روئي رهيو آهي ۽ ان جي چپن تي هي دعا جاري

[1] ...بُستان الواعظين، صفحه:79۔

آهي، اي الله! جيڪڏهن منهنجا عمل تنهنجي بارگاهه جي لائق نہ آهن تہ ڪلهه قيامت ۾ مون کي انڌو اُٿارجان .

هي عجيب وغريب دعا ٻڌي ماڻهن کي وڏي حيراني ٿي، انهن دعا گهرڻ واري کان پڇيو: اي شيخ ! اسان تہ قيامت ۾ عافيت جا طلب گار آهيون ۽ تون انڌو ٿي اٿڻ جي دعا ڪري رهيو آهين، هن ۾ ڇا راز آهي ؟ ان شخص روئيندي جواب ڏنائين، منهنجو مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن منهنجا عمل الله پاڪ جي بارگاهه جي لائق نہ آهن تہ مان قيامت ۾ ان ڪري انڌو اٿڻ پسند ڪيان ٿو جو مون کي ماڻهن جي سامهون شرمندو نہ ٿيڻو پوي. اهي سڀ ماڻهو هن عارفانہ جواب کي ٻڌي بيحد متاثر ٿيا پر پنهنجي مخاطب کي سڃاڻندا نہ هئا، ان ڪري پڇيائون: اي شيخ! اوهان ڪير آهيو؟ انهن جواب ڏنو: مان عبدالقادر جيلاني آهيان.[1]

ترے خوف سے تِرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھرتھر رہوں کانپتا یاالٰہی!
بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گناہوں سے ہر دَم بچا یاالٰہی!
عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخُدا یاالٰہی![2]

## بي حساب جنّت ۾ داخِلو ڏياريندڙ عمل

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ اسان کي آخرت جي حساب جو خوف نصيب فرمائي! يقيناً اسان حساب ڏيڻ جي لائق نہ آهيون، افسوس! جيڪڏهن اسان کان حِسَاب ورتو ويو تہ سواءِ رُسوائي جي ڪجهہ نہ ورندو. ان ڪري دُعا گهرڻ کپي تہ الله پاڪ اسان کي بِلا حِسَاب پنهنجي رحمت سان، پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت سان بِلاحساب ئي جنّت ۾ داخلو نصيب فرمائي.

تُو بے حساب بخش کہ ہیں بے شمار جرم | دیتا ہوں واسطہ تجھے شاہِ حجاز کا

[1] ...خوفِ خدا، صفحہ:120۔

[2] ...وسائل بخشش، صفحہ:105ملتقطاً۔

اَحاديث ۾ ڪوڙ اهڙا عمل بيان ٿيا آهن، جن تي عَمَل جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! بِلا حساب جنّت ۾ داخِلو نصيب ٿيندو. اچو! انهن مان ڪجھ روايتون ٻڌون ٿا:

## (1) وقت تي نماز پڙهڻ

حضرت عائشه صِدّيقه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا کان ئي روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله پاڪ فرمائي ٿو: منهنجي ٻانهي جو منهنجي ذِمي تي عهد آهي تہ جيڪڏهن هو وقت تي نماز قائِم رکي تہ مان ان کي عذاب نہ ڏيندس بلڪ بي حساب جنّت ۾ داخِل ڪندس.[1]

## (2-3-4): حساب ۾ آساني ڏيارڻ وارا ٽي عمل

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي، سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايائون: جنهن ۾ 3 خصلتون هجن، الله پاڪ ان جو حساب آساني سان وٺندو ۽ ان کي پنهنجي رحمت سان جنّت ۾ داخِل فرمائيندو، اهي 3 خصلتون هي آهن: (1): جيڪو توکي محروم ڪري، تُون ان کي عطا ڪر (2): جيڪو توهان سان تعلق ٽوڙي تون ان کان تعلق جوڙ (3): ۽ جيڪو تو تي ظلم ڪري تون ان کي معاف ڪر.[2]

هڪ روايت ۾ آهي: قيامت جي ڏينهن اعلان ٿيندو: جن جو اجر الله پاڪ جي ذمي تي آهي، هو اٿن ۽ جنّت ۾ داخِل ٿي وڃن، پڇيو ويندو: ڪن جو اَجر الله پاڪ جي ذمي تي آهي ؟ ٻڌايو ويندو: اهي جيڪي معاف ڪرڻ وارا آهن. هي ٻڌي هزارين ماڻهو اٿندا ۽ بِلاحساب جنّت ۾ داخِل ٿي ويندا.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! آخرت جي حساب ۽ ان جي سنگيني جي نسبت هي

---

[1]…ڪنزالعمال، جزء:7، جلد:4، حديث:19032۔

[2]…مسندبزار، جلد:15، صفحه:220، حديث:8635۔

[3]…معجم اوسط، جلد:1، صفحه:542، حديث:1998ملتقطاً۔

ڪيترا آسان عَمَل آهن، ٻانهو پنهنجي گُناهن کي ياد ڪري روئي، نمازن جي پابندي ڪري، عِلمِ دين سکي، ان تي عَمَل ڪري، اللہ پاڪ توفيق بخشي ته حج جي سَعَادت ماڻي، گُناهن کان بچي، حلال ڪمائي، حلال طريقي سان ئي خرچ ڪري، ٻين کي معاف ڪرڻ جي عادَت اپنائي ته اللہ پاڪ جي رحمت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! بِلاحساب جنّت ۾ داخلہ نصيب ٿيندو.

## اڄ پنهنجو مُحَاسَبو ڪريو...!!

قيامت جي ڏينهن حساب جي سختين کان بچڻ ۽ بلاحساب جنّت ۾ داخِلہ ماڻڻ جي لاءِ هڪ ٻيو پيارو عَمَل آهي ۽ اهو آهي: پنهنجو جائزو وٺندو رهڻ. امام حسن بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن ان ماڻهن جو حساب آسان ٿيندو جيڪي اڄ دُنيا ۾ اللہ پاڪ جي رضا جي لاءِ پنهنجو مُحَاسبو ڪن ٿا (يعني جائزو وٺندا رهن) ٿا، اهو هن طرح جو انهن کي جڏهن بہ ڪو ڪم ڪرڻو هوندو هو تہ پهريان غور و فِڪر ڪندا ها، هن ۾ اللہ پاڪ جي رضا جو پهلو نظر اچي تہ ڪري وٺندا هئا ۽ جيڪڏهن اُخروي نقصان ڏسندا ها تہ ان کي ڪرڻ سان رُڪجي ويندا هئا. مزيد فرمايائون: قيامت جي ڏينهن ان ماڻهن جو حساب سختي سان ورتو ويندو جيڪي اڄ دُنيا ۾ عَمَل ڪرڻ مهل غورو فِڪر نٿا ڪن ۽ بنا جائزو وٺڻ جي ڪوبہ ڪم ڪن ٿا، اهڙا ماڻهو ڏسندا تہ اللہ پاڪ انهن جو ننڍي کان ننڍو عمل شُمار ڪري رکيو آهي.[1]

## دُعا جي برڪت سان بادل اچي ويا!

هڪ ڀيري حضرت مُطَرّف بن شِخّيررَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خِدمت ۾ ڪجھ ماڻهو حاضِر هئا، شديد گرمي هئي، سيني کي اُڃ لڳل هئي پر پاڻي موجود نہ هو، پاڻ ڪنهن کي پاڻي وٺڻ لاءِ موڪليو، ڪافي دير گذري وئي، پاڻي نہ آيو. ماڻهن مان ڪنهن وٽ ٿورو پاڻي موجود هو، حضرت مُطَرّف رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان پاڻي سان وُضُو ڪيو ۽ ٻہ رڪعت نماز پڙهي دُعا گهري، ان ِجي برڪت سان هڪدم ڪڪر

1...فيضانِ احياءُالعلوم، صفحہ:103بتغير۔

اچي وياءِ برسات ٿي، حضرت مُطَرِّف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽ سندن ساٿين خوب پاڻي پيتو ۽ اُج مٽائي. بعد ۾ ڪنهن پڇيو: سائين! اوهان هي رتبو ڪيئن ماڻيو؟ فرمايائون: مان پنهنجو اَعمال نامو پنهنجي سامهون رکندو آهيان(يعني پنهنجن عملن تي غور ڪندو رهان ٿو) ۽ ڏينهن رات هن تَصَوُّر ۾ رهان ٿو ته ڄڻ قيامت قائِم آهي ۽ مان اللّٰه پاڪ جي بارگاهه ۾ پنهنجو اَعمَالنامو پڙهي رهيو آهيان.[1]

## بيان جو خلاصو

ڪاش! اسان کي به اهڙي توفيق ملي وڃي! اسان به پنهنجن عملن تي غور و فِڪر ڪندا رهون، قيامت جي حساب کان پهريان دُنيا ئي ۾ پاڻ پنهنجي عملن جو حساب ڪندا رهون، نه ته قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن حساب ورتو ويندو ته يقين مڃو! ڏاڍي دُشواري ٿي ويندي، افسوس! هي زمين، هي ڏينهن ۽ رات، اسان جا عمل لکندڙ ملائڪ، اسان جو اَعمَال نامو، ايستائين جو اسان جا عضوا به اسان جي خِلاف شاهد ٿي ويندا، اهڙي صُورت ۾ نجات ڪيئن ٿي سگهندي...؟ ان ڪري لازِم آهي ته اسان اڄ ئي بارگاهه اِلٰهي ۾ پيشي کان ڊڄون، پنهنجو جائِزو وٺندا رهون، اللّٰه پاڪ کان بي حساب جنّت جو سوال ڪريون ۽ بِلاحساب جنّت ڏيارڻ وارا عمل به ڪندا رهون. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

الحمد لله! اڄوڪي دور جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه هن پُرفتن دور ۾ اسان کي نيڪ بڻجڻ ۽ پنهنجي عملن جو جائزو وٺندو رهڻ جو نهايت آسان طريقو عطا فرمايو آهي ۽ اهو آهي:

---

[1] ...بُستانُ الواعظين، صفحه:97-

نيڪ اَعمَال جو رسالو. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 نيڪ اَعمَال ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63 نيڪ اعمال. هن مختصر رسالي ۾ مختلف سُوال ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هيٺ خالي خانا آهن، روزانو وقت مقرر ڪري انهن سوالن کي پڙهي ها يا نہ جي صُورت ۾ خالي خانن کي پرڻو آهي، پنهنجي عملن جو جائِزو وٺڻ جو هي بهترين ۽ آسان طريقو آهي. اوهان بہ مڪتبة المدينہ تان هي رسالو طلب ڪريو!

اَلحَمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ نيڪ اعمال ايپلي ڪيشن بہ جاري ڪئي آهي، پنهنجي موبائل ۾ نيڪ اعمال ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو، روزانو پنهنجي مرضي جو ڪو بہ وقت مقرر ڪري پنهنجي عملن جو جائزو وٺو، ڪجھ منٽن جي لاءِ رسالو کوليو، هڪ هڪ سوال پڙهندا وڃو ۽ هيٺ ڏنل خانن ۾ عمل ڪرڻ جي صورت ۾ ها ۽ عمل نہ هئڻ جي صورت ۾ نہ جو نشان لڳائيندا وڃو ۽ ان جي مُطابق زِندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! ان جون برڪتون پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ. ياد رهي! نيڪ عملن جي ذريعي پنهنجو جائزو وٺڻ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ دِيني ڪم بہ آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ مدني بهار پڌون ٿا:

## سڄو گهر سُڌري ويو

ضلعي اَٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان گُناهن سان ڀرپُور زندگي گذاري رهيو هئس، فلمون ڏسڻ، آوارہ گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيرہ منهنجي معمول ۾ شامِل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوشنصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد ۾ هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي گهڻو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال نالي رسالي جو تعارُف ڪرايو، رسالي نيڪ اَعمَال ۾ لکيل نيڪين ڀري زِندگي گذارڻ جا مدني گل

ڏسي مون کي گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صُورت ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَت بَرَکَاتُهُمُ العَالِيَه جي اِصلاحِ اُمَّت جي لاءِ تڙپ ڏسي مان هتو هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏنو ۽ عطّاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامِل ولي سان نسبت ٿيڻ جي برڪت سان دِل گُنَاهن کان بيزار ۽ نيڪين ڏانهن مائل ٿي وئي، مون گُنَاهن کان توبہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دِل و جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اَخلاق سَنوَرڻ لڳا. منهنجي هن تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي بہ سٺو اَثر ٿيو، الحمد لله! آهستہ آهستہ سڄو گهر ئي قادري، رضوي، عطّاري ٿي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي، فلمون ڊراما، ڳائڻ وڄائڻ بند ٿي ويو ۽ گُنَاهن ڀرين چينلز جي جڳهہ تي مدني چينل هلڻ لڳو.[1]

خوب مَدنی قافلوں کی دھوم ہو | نیک ہو اُمَّت اے نانائے حسین
”مَدنی اِنعامات“ کی ہو ریل پیل | نیک ہو اُمَّت اے نانائے حسین[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اَعمَال چيو ويندو آهي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اپيلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ عوام جي آساني ۽ اُمّتِ مصطفيٰ جي غمخواري جي لاءِ موبائل اپيلي ڪيشن *Online rohani ilaj & istikhara* متعارف ڪرائي آهي. هن اپيلي ڪيشن جي مدد سان اوهان ❁ آن لائن استخاره ڪرائي سگهو ٿا ❁ بيماري، نظرِ بد، جادُو، آسيب وغيره مسئلن جي حل جي لاءِ في سبيل الله تعويذات حاصِل ڪري سگهو ٿا ❁ ۽ آن لائن ڪاٽ بہ ڪرائي سگهو ٿا. مزيد هن اپيلي ڪيشن ۾ ❁ بيماري ❁ غربت

---

[1] ...دلوں کا چین، صفحہ:4۔

[2] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔

❁ غم، پريشاني ❁ ۽ آفات و بليات (Misfortunes) وغيره کان حفاظت جا مختلف اوراد و وظائِف بہ شامِل آهن. پنهنجي اسمارٽ فون ۾ هي اپيلي ڪيشن ڊاؤن لوڊ ڪريو! پاڻ بہ فائدو ڪٹو ۽ ٻين کي ترغيب بہ ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قبرستان جي حاضري جون سنتون ۽ آداب

بہ فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): قبرن جي زيارت ڪيو، ڇوتہ هي دنيا کان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي.[2] (2): جيڪو پنهنجي والدين ٻنهي يا هڪ جي قبر جي هر جمعي جي ڏينهن زيارت ڪندو، اُن جي مغفرت ٿي ويندي، ۽ نيڪو ڪار لکيو ويندو.[3]

اي عاشقانِ رسول! ❁ مسلمانن جي قبرن جي زيارت سنت ۽ مزاراتِ اولياءِ ڪرام و شُهداءِ عظام جي حاضري سعادت بلڪ وڏي سعادت ۽ ايصالِ ثواب مَندُوب (يعني پسنديده) آهي ❁ مزار شريف يا قبر جي زيارت لاءِ ويندي وات تي فضول ڳالهين ۾ مشغول نہ ٿيو. ❁ قبر کي سجده تعظيمي ڪرڻ حرام آهي ۽ جيڪڏهن عبادت جي نيت هجي تہ ڪفر آهي. ❁ قبرستان ۾ ان عام رستي کان وجو جتي ماضي ۾ بہ ڪڏهن ڪنهن مسلمان جون قبرون نہ

[1]…مشکوٰة،کتابُ الْاِيمان،بابُ الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔

[2]…ابن ماجه، کتاب الجنائز، باب ماجاء فی زيارة القبور، صفحه:252، حديث:1571۔

[3]…شُعَبُ الايمان، جلد:6، صفحه:201، حديث:7901۔

هيون، جيڪو نئون رستو نهيو هجي ان تي بہ نہ هلو (قبرستان ۾ قبرون ختم ڪري) جيڪو نئون رستو ٺاهيو ويو ان تي هلڻ بہ حرام آهي. فتاوٰي شامي ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ختم ڪري) جيڪو نئون رستو ٺاهيو ويو ان تي هلڻ بہ حرام آهي ۞ بلڪ نئي رستي جو گمان هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي ۞ ڪيئي اوليائن جي مزارن تي ڏنو ويو آهي تہ زائرين جي سهولت خاطر مسلمانن جون قبرون ڊاهي ڪري فرش ٺاهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي ليٽڻ، هلڻ، ٻيهڻ، تلاوت ۽ ذِڪر اَذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، جتي اهڙي صورتحال هجي اتي پري ڪان ئي فاتحہ پڙهي وٺو ۞ قبر جي مٿان اگربتي نہ ٻارجي ان ۾ سوءِ ادب (يعني بي ادبي) ۽ بد فالي آهي، ها جيڪڏهن (حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهيو تہ) قبر وٽ خالي جڳهہ هجي اتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب (يعني پسنديده) آهي قبرن جي زيارت جي لاءِ هي 4 ڏينهن بهتر آهن: سومر،جمعرات، جمعو، ڇنڇر. جمعي جي ڏينهن فجر نماز کان بعد زيارتِ قبور افضل آهي.[1]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنْ شَآءَ الله سر بَسَر
جو بھی شیدائی ہے مدنی قافلوں کا یاخدا | دوجہاں میں اُس کا بیڑا پار فرما یاخدا[2]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...550سنتیں اور آداب، صفحہ:87تا90ملتقطاً۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:635ملتقطاً۔